ڊاڪٽر نواب ڪاڪا
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# ع- ق شيخ (عبداللّٰه قادر بخش شيخ) مصور هڪ ڪهاڻيڪار

# AIN-QAAF SHEIKH : THE ARTISTIC SHORT STORY WRITER

**Abstract**

After the partition, Ain-Qaaf Sheikh was one of the writer who resumed the static journey of writing in Sindhi short stories. As he was artist and teacher, so his stories depicts the artistic approaches in his writings. “Hyderabad” is one of the famous and historical story in Sindhi literature. He also had depth on the social issues. He used very simple language, best characters and plots in his short stories. He was progressive writer of his time. He also work over the issues of deprivation and helplessness. His characters reveals the realistic approach in his stories and his artistic qualities are clearly visible in his writings. In this paper the different qualities of the writer are emphasized.

مشهور چترڪار ۽ استاد ع- ق شيخ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقي ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سندس چترڪاري مشهور رهي، ٻاهران ٽريننگ به حاصل ڪري آيو هو، حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ ڊرائنگ جو استاد رهيو. فن مصوري جو ماهر ۽ استاد ٿي رهيو، مصوري جي حوالي سان سنڌ جو تربيت يافته مصورن ۾ پهريون هو. شيخ صاحب جتي پنهنجي بيحد حساس طبيعت سان فطرت جا عڪس چٽڻ ۾ ماهر ٿي رهيو. اتي ڪيس لفظن تي به ايتري دسترس حاصل هئي جو هن لفظن ۾ تصويرون چٽڻ شروع ڪيون، اهي تصويرون زندگيءَ جي احساسن ۽ حقيقتن جون آهن.نصير مرزا شيخ صاحب جي اهڙي مهارت جو ذڪر سندس ئي لفظن ۾ ڪندي لکي ٿو: ”بطور ڪهاڻيڪار ڪهاڻي لکڻ جو عمل به شيخ صاحب وٽ تصوير ڪشي وانگر اهم هو، چوندو هو...تصوير ۾ رنگن ۽ لڪيرن سان احساس اڀارجن ٿا، ڪهاڻيءَ ۾ وري اهو ئي ڪم احساسن ۽ لفظن جي مددسان ڪبو آهي.“(مرزا نصير)(1)

ڪردارن جي نفسياتي ۽ سماجي پهلوءَ ڪي پنهنجي مصور واري اک سان ڏسي لفظن ۾ ان جو خاڪو جوڙي وٺي ٿو. غلام رباني آگرو سندس مجموعي ”محبت جي راهه تي“ جي ناشر واري نوٽ ۾ لکي ٿو: ”ع-ق شيخ جي ذهن هن ڪتاب ۾ جيڪي نقش چٽيا آهن، سي خيالي ڪو نه آهي، نه وري اسان جي آس پاس گهمندڙ

ڦرندڙ انسان کان مختلف آهن. بلڪ هو بهو انهن جا عڪس آهن، فرشتو، ڦلتو صاحب ۽ گلو بادشاهه انهن جا جيئرا جاڳندا مثال آهن.“ (آگرو 1998ع)(2)

ع- ق شيخ نہ صرف هڪ افسانہ نگار جي طور پاڻ مڃايو بلڪ ورهاڱي بعد فن افسانا نگاريءَ جي شروعات ڪندڙ بينل پاڻيءَ ۾ پهريون پٿر اڇلائيندڙ پاڻ ئي رهيو. ”ورهاڱي کان پوءِ جا پهرين ڪهاڻي رڪارڊ تي آهي ان جو عنوان آهي ”حيدرآبا؟“ جا ع- ق شيخ ڊسمبر 1947ع ۾ لکي آهي.“ (ڪلپنا27 (2007)(3)

ورهاڱي بعد جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي وري پنهنجي ترقي واري شاهراهہ تي روان دوان ڪرڻ لاءِ اهم ڪم شيخ صاحب ڪيو، ائين سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر واري تاريخ ۾ بہ پنهنجي اهم حيثيت مڃائي.

ع- ق شيخ جي سمورين ڪهاڻين کي ”محبت جي راهہ تي“ نالي مجموعي ۾ سندس نياڻيءَ نسيم شيخ سهيڙيو آهي، 1998ع ۾ ان وقت جي اعزازي سيڪريٽري غلام رباني آگري سنڌي ادبي بورڊ مان هن ڪتاب کي شايع ڪرايو، هيٺ سندس افسانن ۾ ڪردارن جو اڀياس ڏجي ٿو:

**حيدرآباد ڊسمبر 1947ع:** هي اهو پهريون افسانو آهي جيڪو سنڌ ۾ ورهاڱي جي تاريخي واقعي جي پس منظر ۾ لکيو ويو، جيئن موهن ڪلپنا لکي ٿو”منهنجي خيال ۾ اها لڏپلاڻ واري موضوع ۽ ماحول تي پهرين ۽ بهترين ڪهاڻي آهي ۽ جنهن جي مناسب اهميت پنهنجي جڳهہ تي اڄ بہ قائم آهي.“ (ڪلپنا 27/ 2007ع) (4)

هي ڪهاڻي ۽ ڪردار حقيقي تاريخ ۽ ان جا شاهد آهن، ڪهاڻيءَ جو اهم ڪردار جيڪو سڄي ماحول کي ڏسي ٿو. ان جي سامهون بنيادي سوال آهي تہ حيدرآباد ڪٿي آهي، ڪيڏانهن وئي؟ هيءَ مارواڙ ٿي ڏسجي، سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ جا جنازا آهن، جيڪي ڪڍي رهيا آهن، انهن جي جاءِ تي هڪ اهڙي قوم اچي وارد ٿي آهي جيڪا پهرئين ڏينهن کان ئي برتريءَ جي احساس ۾ ورتل آهي. سنڌ جو مسلمان جيڪو پنهنجي هم قوم سان ساڳي ٻولي ۽ تهذيب سبب رليل مليل هو. ان کي اهڙو ماحول وڏو ڌڪ رسائي ٿو. نوان چهرا، لباس، وڻج واپار ۾ پنهنجو طريقو، هوٽلن ۽ دڪانن جا نالا اسلامي، پر ڪم دنياوي. هيءَ نڪتو بہ ورهاڱي جي حقيقيت کي ظاهر ڪري ٿو تہ ملڪ جو نالو بہ تہ اسلامي آهي، پر مذهب ۽ ان جو اصل روح ڪٿي آهي، اندر ڇا پيو ٿئي. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جا ڳوناٺا ڪردار جيڪي اڄ بہ ساڳي طرح شهرن ۾ خريداري لاءِ اچن ٿا ۽ مارڪيٽ تي قابض ٿي وينلن مان اڄ بہ اڪثريت جو ساڳيو ئي رويو آهي. سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جڳ مشهور رهي آهي. انهن جي لاءِ هيءَ مهڻو گهٽ نہ آهي تہ : ”جائو جائو بڙي آئي ليني والي، دو روپي مين تو ٽاٽ ڪي بوري ڀي نهين ملتي. جا جا، تمهاري باپ دادا ني ڀي ڪڀي ڪپڙا پهنا ٿا.“ (شيخ 2/ 1998ع)(5)

شيخ چترڪار واري نگاهہ رکندڙ آهي، حالتن جا سمورا ڦڪا رنگ پيش ڪري ڇڏي ٿو. ڪردارن جي ظاهري سطح کان وينديَ اندروني تهن کي کولي رکي ٿو. هن افسانيءَ ۾ فن سان گڏ مشاهدي جي سگهہ ڪردارن جي نفسياتي لاڙن کي بہ پيش ڪري ٿو. سنڌ جي ڳوٺاڻي سان تہ هن جي ازل کان شناسائي آهي. پر ٻاهران آيل نون پناهگيرن جي ڳالهائڻ، رويي ۽ ڪاروبار مان سندن شخصيت کي پڌرو ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ شيخ صاحب کي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ مشهور ۽ مقبول بڻايو.

**نازو:** هيءَ ڪهاڻي 1958ع ۾ شايع ٿي آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار غربت، بي وسي ۽ احساسِ محروميءَ ۾ ورتل آهي، ننڍڙي نازو جو ڪردار آهي جيڪا هڪ نيلامي ڪپڙي مان سبيل چولو پائي نينگ ٽُپا ڏيئي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهي هئي. پيءُ نيلامي ڪپڙن تي سوچي ٿو. اميرن جي عياشين تي سوچي ٿو. هيٺين ملازمن جي زندگيءَ تي غور ڪري ٿو. محدود پگهار ٻارڙن جون ننڍڙيون خواهشون بہ پوريون نٿيون ٿي سگهن. ڪهاڻيءَ جا ڪردار معاشي بدحالي ۽ طبقاتي نظام ۾ پيڙجندي ڏيکاريا ويا آهن.

**هڪ شام هڪ رات:** هيءَ ڪهاڻي پڻ اڳيئين ڪهاڻيءَ جي فڪر جو تسلسل آهي، شيخ پاڻ بہ غربت ڏٺي، مجبورن ۽ بيوسن سان گڏ رهيو، حالتون مٿس بہ اثرانداز ٿيون. ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ بيمار ٻارڙي جي بي وس پيءُ، بي حس ڊاڪٽر ۽ سطحي دوست آهن. موسم مطابق مناسب بچاءُ نہ ٿيڻ سبب ٻارڙي بيمار ٿئي ٿي. ڊاڪٽر پنهنجي ايم بي بي ايس ڊگريءَ جو رعب ڏيکاري طويل ۽ مهانگو علاج تجويز ڪري ٿو. دوست هڪ عام سادي طبيعت واري رشيد وٽان روز اچي چانهہ بسڪيٽ کائي هليا ٿيا وڃن. انهن کي پنهنجي دوست جي غربت، گهر ۾ بيماري ۽ پريشانيءَ جو ڪو احساس ناهي، پنهنجون عياشيون ڪرڻ ۾ پورا آهن. هيٺين وچولي طبقي جي معمولي سرڪاري ملازم جي درد ڪٿا آهي، روز وڌندڙ مهانگائي ۽ روز جي خرچن کي منهن ڏئي يا بيمارين ۾ خرچ کي پورو ڪري، مٿان ٿوري سفيد پوشي ۽ سماج ۾ دوستن سان اٿڻ ويهڻ ۽ خرچن کي پورو ڪرڻ،هيءَ ڪهاڻي اهڙين سماجي حقيقتن کي پيش ڪري ٿي. غربت سبب انسان پنهنجي لڄ ۽ عزت بہ وڪڻڻ تي مجبور ٿين ٿا. سماج ۾ رشيد جهڙا ڪيترائي ڪردار آهن. گهٽ آمدني سبب گهٽو پوڳين ٿا.

**ريل ۽ زندگي:** هن ڪهاڻيءَ ۾ ريل ۾ سوار مختلف ڪردارن جي زندگيءَ جي مختلف موضوعن ۽ مسئلن بابت ڊگها بحث، ٻهراڙيءَ جا پورهيت ۽ سادا ماڻهو جيئن عام زندگيءَ ۾ ڦرجن ٿا تيئن ريل ۾ بہ ساڻن ساڳيو حشر آهي. ڪُراڙيءَ جي اجرڪ جي هڙ ۾ پڌل ڪل موڙي ڪجي ٿي وڃي. واويلا ڪندي رهجي وئي. ريل مان ڌڪو کائڻ سبب تہ پوليس غريب تي ڪڙڪي پئي پر، نقصان ٿيڻ وقت غائب، سياسي، بحث، آفيسر ۽ زميندارن جا معاملا، نئين ثقافت تي بحث وغيره هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش

ڪيو ويو آهي. جمال ابڙي پڻ هن موضوع تي ”لاري“ نالي سان ڪهاڻي لکي آهي.

**مهمانن جا بهانا:** هن ڪهاڻيءَ ۾ مهمانن جا اهي ستاويهه بهانا ڏنا ويا آهن، جيڪي دوست وٽ رات ترسڻ، ٻه چار ڏينهن ترسڻ يا ماني کائڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. اصل مهمانن جي ڪردار جي وصف ڏني ويئي آهي. ان کي ميزبان جي ترسائڻ چاهيندو آهي پر هو ناهي ترسندو. عام مهمان جي خاطرداريءَ ۾ ميزبان کي گهڻو ئي تڪلف ۽ مصنوعي رويو اختيار ڪرڻو پوي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ طنز ۽ مزاح وارو عنصر به آهي، ستاويهه بهانن کان علاوه مروج رسمن کي شيخ صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي ”هٿ ڌئاريو، صابڻ گهرايو، ٽوال ڏيو. پاڻي پياريو، وهنجاريو ۽گڏ جي ڪائو، ڪک نه ٽيو، ڳٽتيون نه ڪيو. ڪلو ڳالهايو. چانهه پان ٻيڙيءَ جي آڇ ڪريو، پنهنجا ڪم ڪاريون ڪڏ ۾ وجهي ٻتاڪون هڻو.“ (شيخ 24/ 1998ع)(6)

اڪثر ڪري سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو ڪو ماڻهو جڏهن شهر ۾ ملازمت يا ڪاروبار سبب رهائش اختيار ڪري ٿو ته ان وٽ ڳوٺاڻا اڪثر مهمان طور رهي پون ٿا. ان پس منظر کي به هن ڪهاڻيءَ ۾ آندو ويو آهي. مهمان نوازيءَ ۾ مهمان توڙي ميزبان ٻنهي جي ڪردار ۽ ڪيفيت کي به هن ڪهاڻيءَ ۾ آندو ويو آهي.

**پريشان انسان:** پريشان انسان ڪهاڻيءَ ۾ انور جو ڪردار آهي، جيڪو سماج ۾ امير غريب جي فرق تي سوچي ٿو، پنهنجي معمولي پگهار، ننڍپڻ ۾ ٿيل شادي، پنج ٻار ۽ پنهنجي ختم ٿيندڙ صحت لاءِ پريشان آهي، خلقڻهار کان هن دنيا ۾ اهڙي اڻ برابري تي سوال پڇي ٿو. پر ڪيس وري پنهنجي اندر ۾ ان جو خوف به جاڳي ٿو، ائين بي ڪسي ۾ تڙپندي پنهنجا پساهه پورا ڪري ٿو، حياتيءَ ۾ سک نه اٿس پريشانيون ئي سندس مقدر آهن، تصور ۾ پنهنجي مرڻ کان پوءِ ٻارن ۽ گهرواريءَ لاءِ سوچي ٿو. اهي ڪيئن دربدر ٿيندا ڪيس اهو به احساس ٿئي ٿو ته جي چَڪلي ۾ وجي پر اتي به نوجوان ڪپي هيءَ وڏي عمر واري آهي. ان احساس کي نندي به ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پوري سچائي سان جذبن ۽ وجودي وارتائن کي ظاهر ڪيو آهي.

**لکيل جواب:** هي طويل آزاد نظم آهي، جنهن ۾ ڪيئي ڪهاڻيون آهن، انهن ڪهاڻين جو ڪردار هڪ ئي آهي، معمولي سرڪاري ملازم جيڪو هر وقت پنهنجي بالا عملدارن جي عتاب هيٺ رهي ٿو. جُٺ سهي ٿو. ذلت ڀريو احساس ڪيس هميشه ستائيندو رهي ٿو، جيئن ته ان وقت ترقي پسندن جو هڪ خاص موضوع هيو، طبقاتي نظام خلاف آواز اٿارڻ، پورهيت يا هيٺين طبقي جي فرد سان ڪهڙو ذلت آميز سلوڪ ڪيو پيو وڃي ان جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي. هن تحرير ۾ ليکڪ محنت ڪش طبقي سان بالا عملدارن بيجا سختيون ۽ هنن جي زندگيءَ جي محرومين کي پيش ڪيو ويو آهي.

**ڳجهارت:** هن ڪهاڻيءَ ۾ خليل صاحب عام ملازم جي ڪردار طور آهي،

زندگيءَ جون ڪيتريون حسرتون، اميدون ۽ ضرورتون آهن، جيڪي عام پگهار مان پوريون نٿيون ٿين، اخبار ۾ آيل ڳجهارت جي حل ۽ انعام واري اشتهار ۾ ڪيس اميدون آهن تہ ڪيس نوي هزار ملندا. اهڙو خواب بہ لڌو اٿس. ضرورت مند ضرور اهڙا ئي خواب ڏسندو آهي ۽ ڳجهارت حل ڪرڻ جو ڪوششون ڪندو. اڌوريون حسرتون ڪٽي زنده رهندو. پنج سال گذري ويا پر خليل جي معمي جو صحيح حل نہ ملي سگهيو. ساڳين ئي حالتن ۾ رهيو. مغز ڦاڙ معمي جي حل جي لالچ ۽ ڪردارن جي اهڙي مجبوري امر جليل جي ڪهاڻي "دل جي دنيا" ۾ پڻ آهي.

**سوال:** هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار غريب پورهيت آهن، رمضان عرف رمضو شهر ۾ سيٺ جي ٺهندڙ اوچي عمارت تي مزدوري پيو ڪري، گهر ۾ سندس جيجل ماءُ آهي، وَني آهي ۽ ننڍڙو پٽ آهي، هي سڀني جو سهارو آهي. دير سان مزدوري تان اچڻ سبب گهر ۾ پريشان رهن ٿا. هڪ ڏينهن جيئن ئي ڏسڻ ويا تہ هن غريب جو هنن کي ڏسي مٿان جو پير ترڪيو تہ هيٺ اچي ڪريو ۽ پساهہ پورا ڪيا. غريب جي زندگيءَ کي شيخ سوال ڪري پيش ڪيو آهي تہ ان جو آخر ڇا ٿيندو. اميرن جون ڊگهيون عمارتون ٺاهيندي پنهنجي زندگي ائين ئي رمضان وانگي وڃائيندو رهندو. موٽ ۾ ڪيس سيٺ ڇا ڏيندو؟ ڪجهہ بہ نہ، پورهيت سان امير جو رويو ۽ احساس هڪ سوال آهي، جيڪو ڪهاڻيڪار سماج کان پڇي ٿو.

**محبت جي راهہ تي:** هي ڪهاڻي هڪ مصور جي زندگي ۽ محبت واري واقعي تي مشتمل آهي، هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار جو پنهنجو عڪس ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود آهي، محبت جي راهہ جا اهم ڪردار حامد ۽ پارسي ناري مدڳائو ڪر آهن. بمبئي جي بندرگاهہ تان شاگرد ۽ شاگردياڻيون سمنڊ ۾ ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي ايلفنٽا جي غارن کي ڏسڻ اتي قائم شوديوتا جي مندر کي ڏسڻ لاءِ نڪتا هئا.

حامد سان گڏ مدڳائوڪر جي همدردي ۽ سندس سهڻي صورت سڀني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. حامد هڪ شادي شده ڳوٺاڻو، ماءُ پيءُ جو فرمانبردار نوجوان، آرٽ جي سکيا لاءِ بمبئي جي هن اداري ۾ آيوهو. هو مدڳائو جي اڳيان اچڻ کان لنوائڻ لڳو. هوڏانهن هوءَ کيس ويجهو ٿيندي وئي، هتي اچانڪ ٽيون ڪردار گوبند جو بہ ظاهر ٿئي ٿو. اهو پاڻ مدڳائو جي محبت ۾ ورتل آهي، آخر هڪ ڏينهن مدڳائو ٻنهي سان بنگلي ۾ گڏجڻ دوران پنهنجي ساڙهيءَ مان ٽڪر ڦاڙيو. "ساڙهيءَ کي ڇوٽي ڦاڙين گوبند رڙ ڪئي، ڇري مهڙي قيمتي ساڙهي برباد نہ ڪر، حامد هن جي هٿن کي جهليو، مدڳائوڪر مرڪندي نهايت موهيندڙ آواز ۾ چيو، اڄ اوهان ٻنهي جي دانائيءَ تي خوشيءَ مان ڇري ٿي پيئي آهيان، پوءِ هن ساڙهيءَ جي پلئہ مان بہ ريڙون ڦاڙي حامد ۽ گوبند جي ڪراين ۾ پنهنجي نازڪ ۽ نفيس هٿن سان رڪڙيون

ڪري ٻڌي ڇڏيون.“ (شيخ 69/ 1998ع (7) ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار محبت جي راهه تي هلندي ايترو اڳتي نڪري اچن ٿا جو اهو ڄاڻڻ کان پوءِ ته هميشه لاءِ ميلاپ نٿو ٿي سگهي. هڪ ٻئي سان نئون رشتو جوڙي محبت جي رشتي کي مضبوط ڪيو وڃي ٿو.

**آسرو:** هيءَ شيخ صاحب جي مشهور ڪرداري ڪهاڻي آهي، هيءَ ڪهاڻي ”مڪو مست“ نالي سان به مشهور ٿي آهي. موهن ڪلپنا هن ڪرداري ڪهاڻيءَ جي مشهوري سبب ڪهاڻي پڙهڻ جي حسرت ظاهر ڪندي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو”ع، ق، شيخ جي مڪو مست ڪهاڻي هٿ لڳي نه سگهي آهي، جنهن کي ڪردار نگاريءَ جي ڪهاڻين ۾ اهم مڃيو ويندو آهي.“ (ڪلپنا 35/ 2007ع)(8)

هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار مڪومست پنهنجي جوانيءَ تائين هڪ عام ڪردار آهي، مقبول مستري جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. مشهور ۽ قابل مستري آهي، غربت ۽ يتيميءَ مان گذري آيو آهي، شادي ڪري گهرواريءَ ۽ پنهنجي هڪ ٻار سان خوش آهي، اچانڪ هڪ ڏينهن جنهن بلڊنگ جي گهر ۾ رهندو هو. بجليءَ جي پراڻين تارُن سبب باهه لڳي. باهه بلڊنگ کي وڪوڙي ويئي. باهه سبب سندس گهرواريءَ ۽ ٻار سڙي ويا جڏهن کين ٻاهر آندو ويو ته انهن تڙپي ساهه ڏنو. جڏهن ته مقبول جي گهرواريءَ جي پاليل ٻلي اتي بلڊنگ مان پنهنجا ٻچا ڪڍي آئي ۽ اچي مقبول جي پيرن ۾ رکيائين، اهو واقعو هو جنهن کان پوءِ سورهن سال گذرڻ تائين هو مڪو مست ٿي نيڪ ان باهه لڳڻ واري وقت روزانو ان گهٽيءَ ۾ چڪر لڳائيندو ڊوڙ پائيندو ۽ هي لفظ چوندو هو، ٻلي ٻچا ڪڍي آئي، ٻلي ٻچا ڪڍي آئي، مقبول مستري پنهنجو ذهني توازن وڃايو. هو عام چرين يا مستن وانگي نه هيو، منجهس ڪجهه خاص ڳالهيون هيون، جنهن ڪري هر ڪو کيس سڃاڻندو ۽ اهميت ڏيندو هو. هڪ ته خاص باهه لڳڻ واري وقت تي ٻاهر اچي ڊوڙ پائڻ ٻيو ان وقت ڪير به کيس ڪا شيءِ ڏيندو هو ته هو اها نه وٺندو هو. هڪ مشهور مستري طور اڳ ۾ پاڻ مڃائي چڪو هو. جنهن ڪري سندس ڪردار خاص رهيو. ڪڏهن سماجي حالتون ڪردار کي عام مان خاص بڻائين ٿيون، جيئن بلو دادا، شيدو ڏاڙيل، پشو پاشا، ڪڏهن فطري ۽ قدرتي حالتون جيئن هي مڪومست امر لعل وارو عبدالرحمان، زيب پٽيءَ وارو مَبو چريو، جمال رند وارو مائٽ بچو، ڪيرت ٻاٻاڻي وارو محمد رام وغيره آهن.

**ڦلٽو صاحب:** شيخ صاحب جي هيءَ ڪهاڻي به ڪرداري خاڪو آهي. عجيب نالي سان گڏ سندس ڪم به حيرت جهڙا آهن. سائنس، سماجيات، انقلاب ۽ ڏاهپ جي مختلف موضوعن تي بحث ڪندي پاڻ کي دنيا جي مڃيل شخصيتن کان مٿاهون سمجهي ٿو. هر هڪ جي فڪر ۽ فلسفي مان ڪانه ڪا وڏ ڪڍي ٿو. آخر ۾ آباديءَ جي گهٽائڻ يعني ڄم روڪ واري پراجيڪٽ تي ڪم ڪري ٿو. سيني مسئلن جو حل گهٽ آباديءَ بلڪ آبادي نه ٿيڻ کي ئي سمجهي ٿو. ڦلٽوءَ جي ائين

ڪرڻ جو ڪو خاص ڪارڻ نظر نٿو اچي. نہ بيروزگاريءَ جي دٻاءَ هيٺ آهي نہ ئي گهٽِن ٻارن جو پيءُ يا وڏي ڪٽنب جو ڪو احساس محروميءَ ۾ ورثل فرد آهي. ڪردار ڪنهن نفسياتي مونجهاري جو شڪار آهي، جنهن ڪري سندس ڪم ۾ عادتون ٻين کان مختلف ۽ عجب جهڙيون آهن.

**فرشتو:** ڪهاڻيءَ جو ڪردار خانو عام سڌو ساڌو شريف هاري ۽ پورهيت آهي، پنهنجي گهرواريءَ سان محبت ڪندڙ آهي. پر اچانڪ هڪ ڏينهن ٻار جي بخار سبب سندس گهرواري پاڙي مان دوا گوريءَ لاءِ ويئي تہ پويان خانو گهر آيو، ٻار کي بخار ۾ ۽ زال کي گهر ۾ نہ ڏسي اچي ڪاوڙيو. زال جي ايندي ئي ڪٽي بندي مٿي ۾ هڻي ڪيرايائين، گهر واري اميد سان هئي، ٻئي قتل ۾ جيل ويو. وڪيل جيڪي ڪوڙ ٺڳي جا ماهر هوندا آهن، ڪيس صلاح ڏين ٿا تہ زال تي ڪارنهن جو الزام هڻ تہ جان ڇٽي، پر ڪيس شدت سان پڇتاءُ بہ آهي، گهرواريءَ لاءِ پيار بہ آهي، جج جي سامهون صحيح بيان ڏئي ٿو. وڪيل جانوءَ کي چريو سڏيو، جج جانوءَ کي فرشتو سڏيو، ڪيس عمر قيد جي سزا ملي. اهڙا واقعا ۽ ڪردار سماج ۾ ٿي سگهن ٿا. چڱا ۽ برا، مُئي کان پوءِ بہ نياڻي وارا، لڄ ۽ پت رکڻ وارا واقعي فرشتا ٿين ٿا.

**حسرتن جو ڦيرو:** ڪهاڻي ۾ شيخ صاحب جو چڻ سفرنامو آهي، جڏهن پاڻ انگلينڊ جي برسٽل ڪاليج ۾ مصوريءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو هو. اتي پنهنجي استاد گاڊ فري جو هٿ ڏسي ڪيس ڪجهہ سندس محبت ۽ گهرواريءَ بابت ٻڌايائين ان بعد ان جو دوست چارلس پڻ پنهنجي قسمت ٻڌڻ لاءِ ڪيس هٿ ڏيکارڻ اچي ٿو. ڪيس بہ اهڙو ئي احوال ٻڌائي ٿو جيڪو بہ واقعي صحيح ثابت ٿيو. مس سوزن سان سندس محبت ۽ ويڇهڙائي بہ بيان ڪئي وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ يورپ جي برسٽل شهر جا ڪجهہ ڪردار سندن نفسياتي لاڙا ۽ حسرتون پيش ڪيون ويون آهن. ڦرندڙ قسمت جو پڻ احوال آهي.

**هڪ رات:** هيءَ ڪهاڻي بہ انگلينڊ جي شهر برسٽل ۾ ئي لکي ويئي آهي. برسٽل جا نظارا، هڪ تاريخي محل، مشهور شاعر بائرن ۽ ورڊس ورٿ جي يونيورسٽي جا نظارا، مس ازبيلا سان چاهت جو احوال هن ڪهاڻيءَ ۾ آهي، هيءَ ٻئي ڪهاڻيون شيخ صاحب جي انگلينڊ جو يادگيريون آهن.

**موکي ۽ متارا:** هي ساڳيو تاريخي قصو آهي، جيڪو عام تاريخي ۽ عشقيہ داستانن ۾ مقبول آهي، مومل راڻي واري قصي کان ٿيندي موکي ۽ متارن تائين پهچائي اٿس. ساڳيا ڪردار آهن، انهن کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

**گلو باشا:** هيءَ ڪهاڻي بہ ڪرداري آهي، گلو باشا، جنهن جو اصل نالو گل محمد هو، پر عام طور ڪيس گلڻ، گلو ۽ گلو باشا سڏيو ويندو هو. ڊاڪٽر قاضي خادم حيدرآباد؟ ڪهاڻي کان پوءِ هن ڪهاڻيءَ جي حوالي سان لکي ٿو: ”آءٌ شيخ صاحب

جي هڪ ٻي ڪهاڻي گلو بادشاهه جو بہ ذڪر ڪندس جيڪا سنڌيءَ ۾ لکيل ڪرداري ڪهاڻين ۾ وڏي اهميت رکي ٿي." (قاضي213)2010ع (9)

موڪل واري ڏينهن ڳوٺن ڏي وڃڻ، ٻارن لاءِ شيون ۽ انهن کي وندرائڻ واپسي تي مُند آهر هر ميوو کڻي شهر ايندو. پاڙيسري جي دوا لاءِ نڪتو ريل جي حادثي ۾ ويچارو وفات ڪري ويو. هڪ سڌو، سادو، فرض شناس انسان دوست ۽ زنده دل ڪردار آهي، جنهن سبب آفيس توڙي ڳوٺ راج پاڙي ۾ خاص آهي. زندگيءَ ۾ گلو باشا گهڻو ڪجهہ صرف ڏيڻ سکيو آهي. توڙي جو آفيس ۾ پٽيوالو آهي، پر هي صاحب ڪردار انسان، انسانيت همدرديءَ ۽ خوش اخلاقي جو مجسمو آهي.

**بَرپٽ ۾ بهشت:** هي ڪهاڻي بَرپٽ ۾ عاليشان باغ ۽ ان جي مالهيءَ جي ڪهاڻي آهي، شهر جا دوست، ڳوٺ ۾ مهمان ٿي وڃن ٿا. رستي ۾ گاڏيءَ جو ٽائر ڦاٽڻ سبب انئين اهڙو خوبصورت باغ ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ هر قسم جا ميوي دار وڻ لڳل هئا. اهو سڀ محبت سان محنت ڪندڙ ڪردار جو ئي ڪمال هو، جنهن بَرپٽ ۾ بهشت جهڙو باغ بڻايو هو.

**ايڏو عظيم:** هيءَ ڪهاڻي شيخ صاحب جي جيل ۾ وڃڻ واري تجربي ۽ پوليس جي صوبيدار صاحب جي ڪردار جي اصليت کي ظاهر ڪندڙ ڪهاڻي آهي، صوبيدار پنهنجي واسطي واري جي گهڻي عزت ڪري ٿو، پر هڪ ڏينهن هن جو گهران آيل ٽيلهو بہ کڄي وڃي ٿو ۽ صوبيدار جي ڪردار جي وحشت ظاهر ٿي پوي ٿي.

**ابابيل:** هيءَ ڪهاڻي بہ جيل جي اندر لکي وئي آهي. ننڍڙا ابابيل ڪوليءَ ۾ اچي ڦاسن ٿا، انهن ۾ اتحاد آهي، جيسين سڀ آزاد نہ ٿياتيسين هڪ ٻئي جو ساٿ نہ ڇڏيائون. هي ابابيل ڄڻ انساني ڪردار جي هلڪڙائي، بي حسي ۽ بي رخي کي بہ ظاهر ڪن ٿا. پکين کي هڪ ٻئي جو خيال آهي. پر انسان هڪڙا ڪولين ۾ اذيتن ۾ ٻيا آزاد، عياشين ۾ آهن. "ڦلتو صاحب جي واپسي" ساڳئي ڦلتو صاحب جي ڪردار جو هڪ تسلسل آهي. سياست ڪرڻ جي ڪوشش کان ويندي وڪالت تائين سڀڪجهہ ڪري ٿو، هڪ آزاد طبيعت ڪردار آهي.

**وڏو صاحب:** هيءَ ڪهاڻي هڪ ننڍپڻ جي دوست جي آهي جيڪو ننڍپڻ جي ڏکن سکن ۾ پڙهائي واري عرصي دوران گڏ رهيو، وڏو ٿي جڏهن آفيسر بڻيو تہ وڏو صاحب ٿي ويو. پنهنجي ننڍپڻ جي غريب دوستن سان ملڻ کان انڪار، سڃاڻڻ کان انڪار، ڪوڪلي دوستي ۽ سطحي ڪردار جي اصليت کي ظاهر ڪيو ويو آهي. وڏو صاحب ٿي تہ ويو پر ڪردار ۾ صفا هيٺ ڪري پيو آهي.

**عورت:** هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي عورت جي آهي جنهن پريتم کي بچائڻ ۽ ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ قتل جو الزام پنهنجي سرتي کنيو، پر پوءِ بہ "پريو" ڪيس ڇڏي وڃي ٻي شادي ڪري اولاد وارو بہ بڻيو. هن چريائي جو ناٽڪ ڪيو، پر نفسياتي

اسپتال جي ڊاڪٽر جي محبت ۽ همدرديءَ ڪيس حياتيءَ طرف آندو، ڊاڪٽر پرڀوءَ کي اسپتال وٺي واڇي ٿو. ٻئي پريمي پاڻ ۾ ملندي ئي هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويا، دنيا جي هر ٻنڌن کان آزاد ڪردارن جي سچي محبت، نفسياتي لڳاءُ، سماجي مجبورين ۾ محبت جي سگهہ کي بيان ڪيو ويو آهي. محبت ۾ ڪردارن جي هڪ ٻئي لاءِ قرباني، اميري غريبي جو فرق ۽ زندگيءَ تي ان جي اثر کي بيان ڪيو ويو آهي. خاص طور عورت جي ڪردار کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. محبت ۾ قربانيءَ جي معاملي ۾ اڳري آهي، پر بي وفائي جي سهپ بہ منجهس ناهي.

**طوفان محبت:** هيءَ هڪ ڀرپور تاثراتي ڪهاڻي آهي، حسين نظارا، پرين جو يادون، گل، ڪوئل جي ڪوڪ وغيره. محبت جي حسين جذبن جي ڇنڊڇاڻ هن ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي، وڇڙي ويل سڄڻ جي سڪ ۽ ياد ۾ لکيل آهي.

**گهر يا بنگلو:** هي ڪهاڻي بہ تاثراتي آهي، هندن جي لڏ پلاڻ بعد انهن جا عاليشان بنگلا، شهر مهاجرن ڪليمن ۾ حاصل ڪيا، ڀهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ انهن پنهنجي پاڙيسرين ۽ دوستن جي حوالي ڪيا. هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ هڪ اهڙوئي خوبصورت گهر آهي، جيڪو ورهاڱي جي لهر ۾ لڙهندڙ سيٺ رامداس پنهنجي ڪنهن ويجهي دوست کي ڏنو آهي. سيٺ گهر ۾ جيڪا سجاوٽ ۽ اعلىٰ فرنيچر ڇڏيو هو، سو ڪنهن بہ طرح ڪنهن اعلىٰ بنگلي کان گهٽ نظر نٿي آهيو، پر هينئر ان گهر جو هي حال آهي جو ٽٽل ڪٽون، انهن هيٺان اونڌيون ٿيل چوئنريون، ڦاٽل جتيون، ڪپڙن ڏوئڻ واري ڏونگري ۽ بدبودار ڪاڪوس، مکين جي ڀڻ ڀڻ آهي، اسان هتي هنن جي ڇڏيل ورثي کي بہ سنڀالي نہ سگهياسين. انهن شاندار گهرن ۾ عمارتن جو حليو ئي مٽائي ڇڏيو. طنزيہ ۽ ڀرپور تاثراتي ڪهاڻي آهي. ڪردار واضح نہ هوندي بہ پنهنجي پنهنجي نفاست، نزاڪت ۽ انهن نفاست ۽ نزاڪت کي ڦٽائيندڙ ٻئي پڌرا ٿيا بيٺا آهن.

**انجام شڪني:** ڪهاڻيءَ جو ڪردار حميد عورت کي هرڪائيندڙ، ڀٽڪائيندڙ ۽ پنهنجي طرف ڇڪيندڙ سمجهي، پري رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مگر نيٺ جميلا جي محبت جي دام ۾ ڦاٿو. محبت جي شروعات جميلا ڪئي. حميد پنهنجو جميلا سان ڪيل انجام پاڙيو، جميلا پنهنجو انجام پورو نہ ڪيو، شادي ڪري وڃي پنهنجي گهر ٻار آباد ڪيو. حميد ڀٽڪندو رهيو، سندس آهُن نيٺ جميلا کي قبر پيڙو ڪيو. ڪردارن کي جنهن پس منظر ۾ نفسياتي رجحان ۾ ڏيکاريو ويو هو. ان جي ابتڙ عمل ڪندي ڏيکارين ٿا، جميلا جي محبت سندس انجام شڪني تي حميد پاگل ديوانو ٿي پيو، اهو ئي حميد جنهن کي عورت کان نفرت هئي نيٺ عورت جي ڄار ۾ ڦاٿو.

**بهار:** هيءَ ڪهاڻي نہ پر ٻن محبتين جا تاثرات هڪ ٻئي لاءِ آهن، ڪردارن

جي محبت جا هڪ بئي لاءِ بهار جهڙا احساس آهن.

**چورايل خط:** هي ڪهاڻي ٻن خطن جي آهي، پهريون رميش جو آهي،جنهن محبت جا اقرار ۽ احساس آهن، ٻيون سشيلا جو ان جي جواب ۾ آهي، جيڪا صرف پريم کي پريم تائين محدود رکي ٿي، نه ان کي ڪارين راتين جي ميلاپ ۽ شادي تائين آڻڻ چاهي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ مرد ۽ عورت جي ڪردار ۽ انهن جو محبت جي باري ۾ مؤقف خطن جي ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي.

**اسين ٻئي:** هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي حُسن، جواني ۽ ڪشش کي شيخ صاحب پيش ڪيو آهي. هڪ اهڙي عورت جو ڪردار پيش ڪيو آهي جنهن جي حُسن ۽ جواني جي زور ڪيترن کي ڇڪي ويجهو ڪيو، پر هڪ پروفيسر سان سندس گهڻي ويجهڙائي ٿي جنهن مان ڪيس هڪ پٽ به ڄمي ٿو. پر هو وڏو ٿي رَنڊيءَ جي پٽ واري سڃاڻپ نٿو ڪٽي سگهي. ماءُ کي ڇڏي هليو ٿو وڃي، عورت ذلت جي شديد احساس هيٺ رهي، پنهنجي نچڻ ۽ ڳائڻ واري ڪلا ذريعي پيريءَ ۾ روح جو بار هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

پروفيسر کي سمورو احوال آخر ۾ خط ذريعي ڏيئي نمونيا جي بيماريءَ ۾ دنيا جي ذلتن کان نجات حاصل ڪيائين. ڪهاڻي ۾ عورت کي سونهن سوڀيا واري عمر ۾ هن جي طرف مردن جي ڇڪ، اهڙي بي راهه روي سبب نتيجو ۽ عمر جي آخري حصي ۾ صرف ذلت ۽ خواريءَ جو احساس آهي. هونئن سماج ان جي سونهن سوڀيا تي فدا به هو، پر محدود وقت لاءِ هاڻي هر ڪو ڪيس ڌڪاري ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي عورت انهيءَ سڀ لاءِ پاڻ کي ئي ذميوار سمجهي ٿي، نه ڪي پروفيسر کي يا ڪنهن ٻئي کي. سماج ۾ رَنڊيءَ جو نتيجو به آخر اهڙو ئي نڪري ٿو. ان جي عمر جو آخري حصو رحم جوڳو نوجوانيءَ ۾ هر ڪو سندس جسم کي پٽڻ چاهي ٿو مگر پوڙهپ ۾ ڪيڏانهن وڃي، ساڻس محبت ڪندڙ به ڪيس پنهنجو نه ٿا ڪن.

**رڪشا وارو:** هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ماڻهو، اردو ٻوليءَ واري رڪشا ڊرائيور سان ڀاڙي تي تڪرار ڪري ٿو. رڪشا وارو پيٽرول ۽ وڌندڙ مهانگائي جو جواز ٻڌائي ڪيس ڇڏي هليو ٿو وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن ذريعي ٻولي، تهذيب ۽ ورتاءُ جو فرق ڏيکاريو ويو آهي. سنڌي ماڻهو اردو ڳالهائي ٿو، پر اردو وارو سنڌي لفظ به نه ٿو ڳالهائي. ڀاڙو گهٽ ڪرڻ واري تڪرار مان به اردو واري جي بي مروتي ظاهر ٿئي ٿي.

**اُها رات:** هن ڪهاڻيءَ ۾ حسين نظارن سان گڏ محبت واري رات دنيا جي هر نظاري ۾ جڻ سون هئي، پر وقت گذرڻ کان پوءِ پرينءَ جي وڇوڙي کان پوءِ جڻ سڀ ڪجهه ويرانيءَ جو ڏيک ڏئي ٿو. فطرت مان وري به ڪردار کي اتساهه ملي ٿو.

**تون وساري ڇڏ:** ڪهاڻي هڪ ڪماريءَ نالي ناريءَ ڏي لکيل خط واري انداز ۾ آهي، جنهن ۾ ڪيس ڪنهن به طرح نه وساري سگهڻ جي جذبي جو اظهار آهي،

ڪردار جي پنهنجي سڄڻ سان سچي سِڪ ۽ محبت ڪان پوءِ وسارڻ واري عمل کي ناممڪن ٻڌايو ويو آهي.

**لاش:** هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي سچي محبت ۽ زبردستي رشتا جوڙي محبت حاصل ڪرڻ واري ڪوشش کي ظاهر ڪيو ويو آهي. چمپا ۽ پرتاب هڪ ٻئي کي چاهيو ٿي، موهن صرف چمپا کي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ سندس دل ۾ محبت جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، صرف زال جي حيثيت ۾ هوءَ موهن سان نڀائي سگهي. سو بہ صرف ہِ سال، هوءَ پريم جي آگ ۾ نيٺ زهر کائي پنهنجو انت آڻي ٿي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بلڪل سچا ۽ وفادار آهن.

**قرباني پيٽا:** هيءَ ڪهاڻي شيخ صاحب جي هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي آهي، شيخ جون اڪثر ڪهاڻيون هندو جيوت جي ڪردارن ۽ ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون، هن ڪهاڻيءَ جو پڻ ساڳيو ماحول ۽ ڪردار آهن، ڪملا پنهنجي پَتيءَ هرديشور جي گهڻن ڏينهن جي بخار ۽ خالي پيٽ ڪان پوءِ سندس ڏاڙهون کائڻ واري خواهش جي پورائي لاءِ هڪ لالچي ۽ شرابي رميش جي هٿ چڙهي جنهن سندس زبردستي عصمت لُٽي، هڪ ڏاڙهون ڏنو، جيڪو هوءَ مينهنُ طوفان ۾ چار ميل پنڌ ڪري پَتي ديو وٽ ڪٽي پهتي مگر سڀ ڪجهہ فنا ٿي چڪو هو، ڳوٺ وارن کي ٻئي ڏينهن پاڻ ۾ چنبڙيل بہ لاش مليا. ڪردار جي سچائي ۽ وفا آهي، غربت ۽ بي وسي ۽ بيماري تہ آهي پر سندس عصمت ۽ غيرت بہ سلامت نٿي رهي، ٻانهون هٽي هٽي بيهي ٿا رهن سامهون ظالم جا چنبا ڏگها ۽ تيز آهن. ڪمزور وجود ۾ لهي ٿا وڃن. ڪهاڻي ڪردارن جي بي وسي بہ ظاهر ڪري ٿي تہ بدڪردار انسان جي بديءَ ۽ معصوميت جي گُل کي مهٽڻ وارو ظالماڻو رويو بہ ظاهر ڪيو ويو آهي. شيخ صاحب پنهنجي ڪهاڻين ۽ ڪردارن ذريعي خاص ڪرداري خاڪا بہ پيش ڪيا آهن، تہ احساسن جي هر رنگ کي لفظن ۾ چٽي پنهجي مصوري واري فن کي بہ ظاهر ڪيو آهي، ماحول جي بہ صحيح عڪاسي ڪئي آهي.

حوالا:


1. مرزا نصير، ص 31، ع.ق شيخ ڪوهہ قاف (اينٿالاجي )2010ع،سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
2. آگرو غلام رباني، مهاڳ، "محبت جي راهہ تي1998"سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
3. ڪلپنا موهن، افسانوي ۽ فڪري ادب، (2007ع) ص 276، مرتب جامي چانڊيو،سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
4. ڪلپنا موهن، (2007ع) ص 27"افسانوي ۽ فڪري ادب" مرتب جامي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
5. شيخ، ع ق، (1998ع) ص 2 "حيدرآباد-؟"، محبت جي راهہ تي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
6. شيخ ع ق (1998ع) "محبت جي راهہ تي"، ص24، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
7. ساڳيو، ص69.
8. ڪلپنا موهن، ص 35، افسانوي ۽ فڪري ادب (2007) مرتب جامي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
9. قاضي خادم، ص213، ع.ق شيخ ڪوهہ قاف شيخ، 2010ع مرتب نصير مرزا، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.